# چي گويرا جي ڊائري



چي گويرا

يوسف سنڌي



گلشن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# چي گويرا جي ڊائري

سنڌيڪار:
يوسف سنڌي

گلشن پبليڪيشن
حيدرآباد/لاڙڪاڻو 2004ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پبلشر پاران

گلشن پبليڪيشن پاران محترم يوسف سنڌي جو ٽيون ڪتاب "چي گويرا جي ڊائري" اوهان جي هٿن ۾ آهي هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو 1988ع ۾ روشني پبليڪيشن پاران ڇپرايو ويو هو. جيڪو ڪافي وقت کان مارڪيٽ ۾ نہ هو ۽ ڪتاب جي ڊمانڊ بہ ڪافي هئي، اهو سوچي اسان محترم يوسف سنڌيءَ کان ٻيو ڇاپو ڇپرائڻ جي اجازت گهري جيڪا پاڻ خوشي سان ڏنائون جنهن لاءِ اسين ٿورائتا آهيون.

هي ڪتاب دنيا جي عظيم انقلابي اڳواڻ "چي گويرا" جي بوليويا جي ٻيلن ۾ وڙهيل انقلابي جدوجهد جي ڏينهن دوران لکيل آهي ۽ انهن ڏينهن جي ياد کي تازو ٿي ڪري. ڊائري جو تفصيلي جائزو هڪ ٻي انقلابي اڳواڻ ۽ ڪيوبا جي صدر فيڊرل ڪاسترو پنهنجي مهاڳ ۾ ورتو آهي.

ڪتاب "چي گويرا جي ڊائري" پيش ڪندي اسان کي اهائي اميد آهي تہ اسان جي اڳين ڪتابن جيان هي ڪتاب بہ اوهان کي پسند پوندو.

گلشير بلوچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن سنهڙيءَ ۽ ڏکيءَ لکت کي پڙهڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم هو. ان ڪم ۾ چي جي زال ۽ سندس ساٿي "اليدا مارچ دي گويرا" اسان جي وڏي مدد ڪئي. سندن ٿورا.

انقلاب زنده باد

**فيدل ڪاسترو**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# 8. آڪٽوبر چي گويرا جو ڏهاڙو

انقلابي اڳواڻ " چي گويرا" ڏهاڙي جي سلسلي ۾، نڪولس جولين (Nicolas guillen)) جيڪو ڪيوبا جو سرڪاري شاعر آهي، هينئن نظم ۾ عقيدت جو اظهار ڪيو آهي؛

جيتوڻيڪ تون مان ٿي چڪو آهين پر مان نہ آهين.
جيتوڻيڪ تنهنجو سربر سازي ڇڏيو اٿن،
جيتوڻيڪ توکي لڪائي ڇڏيو اٿن
مقامن ۾، پيلن ۾، برفاني جبلن ۾،
پر هو اسان کي روڪي نہ سگهندا. توسان ملڻ ۾.

هڪ مشهور ڪتاب "ڌرتي ۽ مذهب"(Field & Religion ) جيڪو برازيل ملڪ جي عيسائي پادري فرائي بيتو (Fri Betto) لکيو آهي، ان ۾ هو بيان ڪري ٿو؛ "ڪاسترو انهيءَ فيصلي بابت ٻڌائي ٿو، جنهن "چي گويرا" کي آمريڪا جي هڪ بهادر گوريلي ۾ بدلائي ڇڏيو. ڪاسترو ٻڌائي ٿو تہ: "جڏهن اسين ميڪسيڪو ۾ هئاسين ۽ هو جڏهن اسان جي هلچل ۾ شامل ٿيو، تہ هن مون کان واعدو ورتو هو، تہ هو ڪيوبا جي انقلاب جي فتح کان پوءِ آزاد هوندو، تہ هو پنهنجي ملڪ ۾ موٽي وڃي لاطيني آمريڪا جي جمهوري آزادي جي لاءِ جدوجهد کي هلائي. اسان آخر ۾ واعدو پاڙڻ لاءِ جا ڪيو جو، اسان هن کي واپس وڃڻ کان ڪونہ روڪيو ۽ نہ ئي موٽي وڃڻ ۾ ڪا رنڊڪ وڌي سون. اسان هن سان پوري طرح مدد ڪئي ۽ سندس هن فرض ۾ مدد بہ ڪئي سون."

جڏهن چي گويرا چيو تہ آئون انقلابي مشن تي وڃڻ تو گهران تہ مون جواب ۾ چيو مانس، "اسان هر طرح سان پنهنجو واعدو پاڙينداسون".

فيڊرل ڪاسترو اهو پڻ چيو " جڏهن آئون پهريون ڀيرو چي گويرا سان مليس،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ڇڇ گويرا
# جي
# ڊائري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ضرورت مطابق اسان جيترو وقت چاهيون اوترو وقت هتي آرام سان رهي سگهون ٿا.

رٿابندي هيئن ڪئي اٿئون تہ باقي سائين جي اچڻ جو انتظار ڪيو ويندو.

جڏهن بوليويا جي سائين جو تعداد ويهہ ٿيندو تہ ڪاروائي شروع ڪئي ويندي.

هاڻي مي ڏسڻون آهي تہ مونجيءَ جو رد عمل ڪهڙو ٿو ٿئي، ۽ گويرا جا سائي ڪيئن ٿا عمل ڪن.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر


Scanned with CamScanner

# ماهوار تجزيو

ڪيوبا جي انقلابين جو جٿو مڪمل طرح ڪامياب رهيو. اسان جا حوصلا بلند آهن ۽ فقط ڪجهه عام قسم جا مسئلا درپيش آهن. جيتوڻيڪ بوليويا جا ساٿي ٿورڙائيءَ ۾ آهن، پر سڀئي مڙس ماڻهو آهن. مونجي جي رويي جي ڪري انقلابي عمل جي رڪجي وڃڻ جو خطرو آهي، پر فائدو هي به آهي ته مان سياسي پابندين کان آجو ٿي ويندس. اسان جو ايندڙ قدم وڌيڪ بوليوين ساٿين جو اوسيڙو، گويرا ۽ ارجنٽائين جي ماريشو ۽ جوزامي(يعني ماسيٽي ۽ اختلاف رکندڙ پارٽي) سان ڳالهه ٻولهه آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

واپس پهتو ۽ ڪيس هر اول دستي ۾ شامل ڪيو ويو. لورو، ارگاناراز سان ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ ڪيس سنڌس باري ۾ منهنجي راءِ کان آگاهه ڪيو. هن مڃيو ته ڪيس 'والگران ڊنو' جاسوسيءَ جي لاءِ موڪليو هو، پر پوليس کي سڌ ڏيڻ واري الزام کان انڪار ڪيائين. ڪوڪوءَ 'واليگران ڊنو' کي ڏاڍو دٻايو ۽ هيسايو. منيلا مان نياپو پهتو ته سيڪجهه ٺيڪ ٺاڪ آهي ۽ 'ڪولي' اُن هنڌ ڏانهن روانو ٿي ويو آهي جتي 'سائمن ريز' سنڌس انتظار ڪري رهيو آهي.

## 26- جنوري

اسان اڄا، ٽئين غار تي ڪم جي شروعات ئي مس ڪئي هئي، جو خبر پيئي ته گويرا، لويولا سان گڏ پهچي چڪو آهي. اسين ڪم بند ڪري وڃين ڪيمپ ڏانهن روانا ٿياسين. اٽڪل ٻارهين لڳي اتي پهتاسين. اتي مون گويرا جي سامهون پنهنجا ٽي شرط رکيا. سيٺي گروپ ٽوڙيا ويندا. ڪنهن سان ڪوبه واعدو نه ڪيو ويندو. اڄا ڪابه سياسي تنظيم جوڙي نه وڃي. قوميت ۽ بين الاقواميت تي بحث کان پاسو ڪيو وڃي. هن ٽئي شرط ڏاڍي خلوص سان قبول ڪيا. اهڙي طرح شروعات ۾ تڏاڻ ڪانپوءِ بوليويا وارن سان ناتا ٻيهر بحال ٿي ويا.

هن مون تي ڏاڍو سٺو تاثر ڇڏيو. هو ڏاڍو سادو، نرم سڀاءَ ۽ فولادي عزم جو مالڪ آهي. ڪيس نوجوان ليگ مان ڪڍيو پيو وڃي. مون ڪارڪنن لاءِ هدايتون لکيون ۽ ڪجهه دستاويز ڏنا ۽ جيڪي خرچ ٿيو هو سو پڻ ادا ڪيم. جيڪو اٽڪل 70 هزار پيسا ٿين ٿا. هاڻ اسان وٽ روڪ پيسا مورڳو ٿورا وڃي بچيا آهن.

ڊاڪٽر پريجا کي ان تنظيم جو اڳواڻ مقرر ڪيو ويو ۽ روڊلفو کي چيو ويو ته هو پندرهن ڏينهن جي اندر اندر اسان وٽ پهچي وڃي.

مون ايوان کي خط لکي هدايتون موڪليون (دستاويز نمبر 4) ۽ ڪوڪو کي هدايت ڪيم ته هو جيپ وٺي ڇڏي، پر فارم سان مواصلات جو سلسلو بحال رکي. صبح جو ستين بجي ڌاري اسين جدا ٿياسين. هو سياڻي رات جو روانا ٿيندا ۽ گويرا 16 فيبروريءَ تي چئين.بي جتيءَ سان گڏ ايندو. آمدرفت جا وسيلا ڪجهه اهڙا آهن، جو هو ان تاريخ کان اڳ پهچي نٿو سگهي. نشريات جي لاءِ اڄا به سگهاري ريڊيو مشينري آندي ويندي.

## 27- جنوري

ترڪ موڪلي ويئي. جيڪا تقريباً هر شئي کڻي آئي. ڪوڪو ۽ ٽيايو آٽينڊز اڄ رات موٽي ويندا. هو ڪاميريءَ ۾ رهندو ۽ ڪوڪو سان گڏجي سانتاڪروز ويندو. ته جيئن جيپ وٺي. 15 کان پوءِ وري پروگرام جي تياري ڪري.

غار تي ڪم هلندڙ آهي. ڪوڙڪيءَ ۾ هڪ شڪار ڦاٿو. مهم تي روانو

# ماهوار جائزو

توقع موجب مونجهي؛ جو طرز عمل پهريائين تارڻ وارو ۽ پوءِ دوکي بازيءَ وارو هو.

پارٽي اسان جي خلاف ميدان ۾ آهي، نجاڻ انجام ڪهڙو ٿيندو. پر اهو اسان جو امتحان ڪونهي ۽ بچائي شايد چڱي ٿئي (جنهن جي مون کي پڪ آهي)، ايماندار ۽ ويڙهو ماڻهو اسان سان گڏ آهن. جيتوڻيڪ مان سمجهان ٿو تہ ڪڏهن ڪڏهن سندن ذهن ۽ ضمير ۾ جنگ ضرور ٿيندي هوندي، هينئر تہ هنن اسان جي سڏ ۾ سڏ ڏنو آهي. باقي آئينده ڇا ڪندا، تنهن بابت ڪجهہ بہ چئي نٿو سگهجي. تانيا روانو ٿي چڪو آهي، گوريلا دور جي شروعات ٿي رهي آهي، اسين دستن کي آزمائيندا‌سين. باقي اهو وقت ٻڌائيندو تہ بوليويا جو انقلاب ڪهڙي صورت تو اختيار ڪري.

جن ڳالهين جو اندازو هو. انهن مان بوليويا جي جوڌن کي پاڻ سان ملائڻ ۾ ڏاڍو وڏو وقت لڳو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## 13- مارچ

صبح جو ساڍي ڇهين کان وٺي ٻارهين وڳي تائين اسين انهن پوائنٽين تکرين واري ان رستي تان هلندا رهياسين. جيڪو مگويل ڏاڍي محنت ۽ چاهه سان ٺاهيو هو. اسان اڻين پٺي سمجهيو ته اجهو ٿا 'ناڪاهواسو' پهچون، پر رستو اينترو ته اڙانگو هو جو پنجن ڪلاڪن جي پنڌ کان پوءِ به تمام ٿورو مفاصلو طئي ڪري سگهياسين. پنجين وڳي مينهن شروع ٿي ويو ۽ اسين مينهن ۾ ئي کليل آسمان هيٺ وينا رهياسين. سيئي ساٿي ڏاڍا ٿڪل ۽ پريشان حال هئا، پيو ته اسان وٽ رڳو هڪ ويلي جو کاڌو بچيو هو. پر انهن ڳالهين جي هوندي به اسان چار ميل کن پنڌ ڪي ڇڪيو، پر ڪنهن به ڪنڌيءَ پهچي نه سگهياسين.

## 15- مارچ

مرڪزي دستي درياهه پار ڪيو. روبيو ۽ ميديڪو اسان جي ڏاڍي مدد ڪئي. اسان جو خيال هو ته اسين 'ناڪاهواسو' جي مُهڙ وٽ وڃي پهچنداسين، پر هڪ ته سامان جي گهٽائي ۽ ٻيو وري ٽن ساٿين کي ترڻ نه ايندو هو، سو اسين پنهنجو توازن برقرار رکي نه سگهياسين ۽ وهڪرو اسان کي منو ميا کن پاڻ سان لوڙهي ويو. جيڪا ڳالهه اڳ ۾ ئي ذهن ۾ هئي ته ٻيڙيءَ ۾ درياهه اُڪري نه سگهنداسين، سا ئي ٿي. اسين ٻارهن ڄڻا هيڏانهن رهجي وياسين، ميديڪو ۽ روبيو سياڻي وري به درياهه اُڪرندا. اڄ اسان چار باز شڪار ڪيا جيڪي هن وقت اسان وٽ بهترين مال غنيمت کان گهٽ ڪونهن. لڳاتار مينهن وسڻ جي ڪري هر شئي پُسي پَٽ ٿي ويئي آهي. ساٿي حوصلو هاري چڪا آهن. هيڏانهن مگويل جا پير پٿون ٿي پيا آهن، ٻين ساٿين سان پڻ اهائي حالت آهي.

## 16- مارچ

اڄ اسان گهوڙي جي گوشت کائڻ جو فيصلو ڪيو. سوچ وڏي ويئي آهي. مگويل، انتي، آربانو ۽ الي جاندرو مختلف مرضن ۾ ورتجي چڪا آهن. آءُ به ڏاڍو ڪمزور ٿي ويو آهيان. اسان جو اهو اندازو هو ته جواڪيوين درياهه اڪري ويندو، پر اسان جو اهو اندازو غلط نڪتو. ميديڪو ۽ روبيو اسان جي مدد لاءِ درياهه اڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر تيز وهڪرو کين پاڻ سان وهائي ويو. اهو ڏسي جوش ۾ اچي جواڪيوين درياهه اُڪرڻ جي موڪل گهري جيڪا کيس ڏني ويئي، پر هوبه وهڪري ۾ لڙهي ويو. منهنجي جوڙ ٿي پومبو ۽ توما کيس ڳولهڻ لاءِ نڪتا پر کيس ڪٿي به نه ڏسي رات جو موٽي آيا. پنجين بجي اسان ڏٺو ڪري گهوڙي جو گوشت کاڌو. اندازو اهو اٿم ته رولاندو اڄ ڪيمپ ۾ پهچي ويندو. ڳجهو پيغام نمبر 32 چڱي طرح سمجهه ۾ اچي چڪو آهي، جنهن ۾ لکيل هو ته بوليويا جو هڪ ساٿي مکين ۽ مچرن مارڻ جي دوا ڪٺي جلد اسان وٽ پهچندو. هيستائين اسان وٽ اها دوا ڪانه هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بدلجي ويجي.

اسان جو سڀ کان اهم ۽ ضروري ڪم لاپاز سان رابطو قائم ڪرڻ آهي، اسان کي هٿيار ۽ دوائون ملڻ کپن ۽ شهر مان سٺو پنجاهه جڻا اسان جي دستي ۾ ڀڻ شامل ٿيڻ کپن، ان جي ڪري پوءِ پلي جنگجو ڳاڻاٽي ۾ گهٽجي ڇو نه وڃن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

5 - جينوٽيڪ هر جهڙپ ڪانپوءِ گوريلن جا حوصلا ۽ همتون وڌي رهيون آهن، پر ڪامبا ۽ شپاڪو اڃا ڪجهه گهٽو ڪمزور آهن.

6 - فوج مسئلي جو ڪُر پير لهڻ کان سواءِ بي فائدي ڪوشش ۾ رڌل آهي، تنهن هوندي به ڪي دستا اهڙا به آهن، جيڪي جنگي مهارت کان ڪم وٺي رهيا آهن.

7 - حڪومت توڙي ملڪ ۾ سياسي گهوٽالو وڌي رهيو آهي، پر آمريڪا جي لڳاتار تندن قرض ڏيڻ جي ڪري بوليويا جي حڪومت جي عارضي تڪليفن ۽ مايوسين کي نبيرڻ ۾ مدد ملي رهي آهي.

هن وقت اسان جي لاءِ سڀ کان اهم ڪم هي آهي ته گوريلن جي هيڊ جٿن سان رابطو بحال ڪيو وڃي، وڌيڪ گوريلن جي فراهمي ۽ دوائن جي پڻ گهٽي گهرج آهي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر


Scanned with CamScanner

# چي گويرا

# جا ٻه خط

چيءَ جو پنهنجي ٻارن ڏانهن آخري خط
چيءَ جو فيدرل ڪاسترو ڏانهن آخري خط

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٻارن ڏانهن خط

منهنجا پيارو!

ڪنهن ڏينهن جڏهن اوهان، توهان وٽ نه هوندس ۽ توهان منهنجو خط پڙهندا ته تقريبن توهان مون کي وساري چڪا هوندو.

توهان جو پيءُ اهو هو، جنهن جيڪي ڪجهه سوچيو تنهن تي عمل ڪيو. يقين ڪجو نه هو، پنهنجي نظرين سان پوريءَ طرح وفادار هو.

هڪ سٺي انقلابي بڻجڻ لاءِ ڪوشش ڪريو. ٽيڪنالاجيءَ تي عبور حاصل ڪرڻ لاءِ سخت محنت ڪيو. اهڙي ريت توهان فطرت جي طاقتن تي قبضو ڪري سگهندو. ياد رکو! دنيا ۾ جيڪڏهن ڪا سڀ کان اهم شيءِ آهي ته اهو انقلاب آهي. ان جي مقابلي ۾ انسان جي ذات، انسان جو وجود ڪا به وڏي اهميت نٿو رکي، ۽ وڌيڪ هي ته دنيا جي ڪنهن به حصي ۾ ٿيندڙ ناانصافيءَ کي پاڻ تي ناانصافي سمجهو. هڪ انقلابيءَ جو سڀ کان وڏو گڻ اهوئي آهي. ڇڪو منهنجا ٻچڙئو هان موڪلائي. توڙي جو توهان کي ڏسڻ جا اجا پڻ اميد باقي اٿم.

**جهجهي پيار مان**
**توهان جو بابا**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيڪي آءِ انهن جي وسيلي چوڻ ٿو چاهيان. ان ڪري اصطلاحن جي استعمال مان ڪوبہ فائدو ڪونهي. بس آخر ۾ رڳو هڪڙي ڳالهہ: "فتح ڏانهن مسلسل وڌندا هلو".

توهان کي پيار مان ياد ڪري

**چي**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner











Price: Rs 150

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

**https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book**